SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبرIV مجريه 2013
# SINDH ACT NO.IV OF 2013
# سنڌ پبلڪ پرڪيورمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH PUBLIC PROCUREMENT (AMENDMENT) ACT, 2013
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2009 جي دفعه 21 ۾ ترميم
Amendment of section 21 of Sindh Act No.IV of 2009

# سنڌ ايڪٽ نمبرIV مجريه 2013

# SINDH ACT NO.IV OF 2013
# سنڌ پبلڪ پرڪيورمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH PUBLIC PROCUREMENT (AMENDMENT) ACT, 2013

[پهرين مارچ، 2013]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ، جنهن جي ذريعي سنڌ پبلڪ پرڪيورمينٽ ايڪٽ، 2009 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ پبلڪ پبلڪ پرڪيورمينٽ ايڪٽ، 2009 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪري هن ريت ٺاهي نافذ ڪيو ويندو؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پبلڪ پرڪيورمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ فوري طور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2009 جي دفعه 21 ۾ ترميم
Amendment of section 21 of Sindh Act No.IV of 2009

2. سنڌ پبلڪ پرڪيورمينٽ ايڪٽ، 2009 جي دفعه 21،

'' 21. (1)هن ايڪٽ يا ڪنهن ٻئي قانون ۽ ان جي تحت ٺاهيل قاعدن ۽ ضابطن جي ابتڙ، هن جي نفاذ جي عرصي ۾، حڪومت وٽ هي اختيار هوندا ته اها قومي مفادن ۾ شين جي حاصلات تي،

پبلڪ پرڪيورمينٽ جي نگراني متعلق ٿاهيل قانون ۽ قاعدن ۽ ضابطن متعلق ڇوٽ ڏئي سگھي ٿي.
(2) اختياري، سببن کي تحريري بنياد تي رڪارڊ محفوظ ڪرڻ جي لاءِ، حڪومت کي اهي قومي مفادن ۾ شين جي حاصلات کي هن قومي مفادن ۾ شين جي حصولي کي هن ايڪٽ ۽ پبلڪ پروڪيورمينٽ بابت ٺاهيل ڪنهن به قانون ۽ قاعدن ۽ ضابطن کان ڇوٽ ڏيڻ جي سفارش ڪندي ۽ حڪومت انهن سفارشن کي درست ڄاڻڻ جي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل شين کي انهن قانونن ۽ هن جي تحت ٺاهيل ضابطن کان مستثنيٰ (ڇوٽ) ڪندي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.